ڊاڪٽر پروين موسيٰ ميمڻ
[ محقق/ ايسوسيئيٽ پروفيسر ڪاليج ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، سنڌ]

# ڪلا پرڪاش جي ناولن ۾ عورت ڪردار جي حيثيت ۽ اهميت جو جائزو

# Analysis of the position and importance of women characters in Kala Prakash's novels

**Abstract:**

*Kala Prakash is a well-known Sindhi prose writer with short stories, memoirs, essays, poetic prose and novels to her credit. Her contribution to modern novel is astounding with more than ten amazing novels, the titles there of are mentioned below in the article. This paper meticulously deliberates on her characteristic feminist, humanist literary work and evaluates dispassionately the position and importance of women characters in her novels.*

سنڌي ٻوليءَ جي ليکڪا، ڪلاپرڪاش جو پورو نالو ڪلاپارو مل چانڊواڻي هو. هن ڪراچي شهر ۾ 2 جنوري 1934ع تي جنم ورتو ۽ سپيٽمبر 2018ع ۾ وفات ڪئي. هن هرديوي گرلس هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ پوءِ بمبئيءَ جي.ڪي.جي ڪلناڻي اسڪول مان تعليم حاصل ڪئي ۽ بمبئي يونيورسٽيءَ مان سنڌيءَ ۾ ايم. اي ڪرڻ کان پوءِ ڊپلوما اِن هائير ايجوڪيشن (ڊي.ايڇ.اي) ڪيائين. ڪلا پرڪاش نثر جي اهم ليکڪا آهي. سندس پهرين ڪهاڻي ’ڏوهي بي ڏوهي‘ 1953ع ۾ ڇپي ۽ 1954ع ۾ سندس شادي مشهور اديب ۽ شاعر موتي پرڪاش سان ٿي، جنهن کان پوءِ نہ فقط سندس لکڻ پڙهڻ وڌيو پر هوءَ هڪ اهم ليکڪا طور اڀري سامهون آئي. هن نثر ۾ ڪهاڻيون، ناول، مضمون، يادگيريون، مقدما، مهاڳ ۽ خط لکيا آهن. نثري نظم ۾ هڪ ڪتاب ’ممتا جون لهرون‘ لکيو اٿس. ڪيس شعر چوڻ ۽ لکڻ سان گڏ شعر ٻڌڻ بہ تمام پسند هو. پنهنجي انهيءَ پسند تي لکيو اٿس تہ:

> ”شعر وڻيم ڏاڍو پر پاڻيهي پڙهان ۽ مزو وٺان، اها بہ قوت ڪانهيم، ٻيو ڪير، پڙهي ٻڌائي تہ بس، رات جو دير سان شعر ٻڌڻ ڏاڍ وڻيم، جي شعر ٻڌڻ مهل هٿ ۾ چانهہ جو ڪوپ ملي وڃي تہ منهنجي خوشي ماپجي نہ سگهندي، برساتي رات هجي يا سرد رات هجي ۽ هي ويهي

شعر ٻڌائي تہ جيڪر عمر وڌي وڃي ۽ مشاعرو مون لاءِ وڏي نعمت آهي. پورو ٿي ويندو تہ ڏاڍي اداس ٿيندس“.[1]

ادبي سفر ۾ ڪلا کي پنهنجي وَر، موتي پرڪاش جو ساٿ مليو. شاديءَ کان اڳ هن تمام مختصر لکيو سندس فن، موتي پرڪاش جي همراهيءَ ۾ ئي نکريو ۽ سنوريو هن سکي ستابي حياتي گذاري. کيس ٻن ٻارن شريڪانت (پٽ) ۽ سنڌو (ڌيءَ) جو اولاد آهي، جيڪي اعليٰ تعليم يافتہ آهن. شريڪانت صدف پڻ سنڌي نثر ۽ نظم ۾ لکي رهيو آهي. مطلب تہ سندس گهر جو سڄو ماحول علمي ۽ ادبي آهي جو سندس فن جي اُسرڻ ۾ مددگار رهيو.

ڪلا پرڪاش، گهر جا فرض نڀائڻ سان گڏ نوڪري ڪندڙ عورت رهي. سندس گهڻو وقت آفيس ۽ گهرو جوابدارين ۾ گذريو پوءِ بہ هوءَ پنهنجي قلمي اظهار لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت ڪڍي وٺندي هئي. 1954ع کان نوڪريءَ جي شروعات ڪيائين ۽ 1971ع تائين ڀارت جي مرڪزي سرڪار جي کاتي ۾ آڊيٽر رهي. ڪلا 1971ع کان 77ع تائين، الهاس نگر مهارشٽرا جي تلريجا ڪاليج ۾ سنڌي مضمون پڙهائيندي رهي، جنهن کان پوءِ دبئيءَ جي هڪ وڏي اسڪول ۾ ڪجهہ سال هيڊ مسٽريس طور جوابداريون نڀايائين.

بحيثيت ناول نگار، ڪلا پرڪاش جو ڪم اهم شمار ٿئي ٿو. هن پنهنجي تخليقي صلاحيتن جي اظهار لاءِ، سڀ کان گهڻو ناول جي صنف کي اوليت ڏني آهي. انساني جذبن ۽ احساسن جي تفصيلي ۽ اثرائتي اظهار لاءِ، نثر ۾ ناول جي صنف ڪارائتو ذريعو آهي. ڪلا انساني جذبن ۽ احساسن جي قلمڪار هئڻ جي حيثيت ۾، پنهنجي ڪردارن جي جذبن جي اپٽار سهڻي نموني ڪرڻ لاءِ گهٽي ۾ گهٽا ناول لکيا آهن. هن جيترا ناول ڪنهن بہ سنڌي ليکڪا ڪونہ لکيا آهن. ڪلا جي ناولن جو ڳاڻيٽو ڏهن کان مٿي آهي. کيس سنڌي ناول نگاريءَ جي سرواڻ ليکڪا چئجي تہ بجا ٿيندو.

ڪلا پرڪاش کي ماڻهوءَ جي مَن تي حاوي ٿيل وڏي کان وڏي مسئلي کان وٺي ننڍي کان ننڍيءَ چنتا جو ادراڪ آهي. هوءَ معمولي کان معمولي ڳالهہ/واقعي کي نظر انداز نٿي ڪري. انساني زندگيءَ جي خوشين، غمين، لاهن چاڙهن، ويچارن ۽ قدرن کان هوءَ پوري طرح آشنا آهي. سندس فن انساني نفسيات جي پرک تي مشتمل آهي ۽ سندس نثر ۾ سهڻي ٻولي ۽ ڪردار نگاريءَ کي اولين حيثيت حاصل آهي. ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڪلا جي ناول نگاريءَ تي هن ريت راءِ ڏني آهي:

"موتي پرڪاش جي جيون ساٿي، هن ليکڪا ناول ۽ ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ پاڻ ملهايو آهي. سندس ناول 'هڪ دل هزار ارمان'، 'هڪ سپنو سکن جو'، 'شيشي جي دل'، 'حياتي هوتن ري'، ۽ 'سپنن جو سنسار' مشهور ٿيا. ڪلا جا ناول پيار ۽ سماج جي چوڌاري ڦرن، هن جي تحرير ۾ جيڪو جوش ۽ جذبو سمايل آهي. تنهن ۾ خوبصورت لفظن ۽ جملن جو گهڻو دخل آهي". [2]

ڪلا، مقدار توڻي معيار ۾ پنهنجي انفرادي حيثيت، ناول نگاريءَ جي صنف ۾ مڃائي آهي. سندس پهريون ناول 'هڪ دل هزار ارمان' 1957ع ۾ ڇپيو. ان کان پوءِ 'شيشي جي دل' 1960ع، 'هڪ سپنو سکن جو' 1977ع ۾ ڇپيو. ان کان سواءِ 'حياتي هوتن ريءَ' 1979ع، 'وقت وڇڙيون وڇوڙيون' 1988ع، 'آرسيءَ آڏو' (ساهتيہ اڪيڊمي طرفان انعام يافتہ) 1994ع، 'پيار' 1997ع، 'پکن جي پريت ۽ پيار' (ٻہ ناول گڏ) 1999ع ۽ 'سمنڊ ۽ ڪنارو' شايع ٿيا آهن. ڪلا پرڪاش جا ناول هند ۽ سنڌ ٻنهي هنڌن ڇپجڻ جي ڪري سندس فن سنڌ ۾ پڻ ايترو ئي مقبول آهي، جيترو هند ۾. هوءَ دل جي اونهاين سان سنڌ ڌرتيءَ سان پيار جو جذبو رکي ٿي. ڪيس سنڌي هئڻ تي فخر آهي، وطن جي سڪ ۽ هتان جي ماحول جا نقشا هن پنهنجي قلم ذريعي پيش ڪيا آهن. سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوم سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪهاڻين، ناولن، يادگيرين ۽ خطن ۾ ڪيو اٿس. سندس انهيءَ پيار جي گهراين تي خادم حسين چانڊيو لکي ٿو تہ:

"سنڌ ياترا مهل هوءَ بي انتها پرسڪون آهي. ڪيس ايئن لڳي ٿو تہ ڄڻ جيجل ماءُ ڪيس ڇاتيءَ سان لاتو آهي ۽ ڄڻ ڪيس سڪون جي ننڊ نصيب ٿي آهي، بلڪ سندس لفظن ۾ تہ، منهنجي واقفيت اها ئي آهي تہ مان سنڌي آهيان، سنڌي ٻولي هن سنڌ جي ڌرتيءَ جي ٿڃ آهي، جيڪا توهان ۽ مون گڏ پيتي آهي ۽ اهو ئي توهان جو ۽ منهنجو سڱ آهي، جيڪو ڪڏهن بہ نہ ٽٽندو". [3]

'شيشي جي دل' ناول ۾ هن سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي ماحول جو عڪس چٽيو آهي. 'پکن جي پريت' مڪمل طور سنڌ جي سڪ جو داستان آهي. هن ناول ۾ گهٽونتي ورهاڱي بعد سنڌ جون يادون کڻي هندوستان وڃي ٿي، جتي هر وقت 'خانواهڻ' (سندس اباڻي شهر) کي ياد ڪندي لڙڪ لاڙيندي رهي ٿي ۽ ٽينا پڻ بمبئيءَ مان سنڌ ڏسڻ آئي تہ ڪيس ڏاڍي راحت ملي. ڪلا جو ڪتاب 'هينئڙي منجهہ

هُرن‘ سنڌ جي سفر کان پوءِ جي يادگيرين ۽ تاثرات تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ هتي ملاقات ٿيل شخصيتن جي ذڪر سان گڏ مليل مانَ ۽ محبتون فخر ۽ خوشيءَ سان بيان ڪيل آهن.

ڪلا پرڪاش، ذاتي طور نرم ۽ نازڪ دل رکندڙ ۽ انسانيت سان پيار ڪندڙ عورت هئي. پيارن ۽ ڪومل جذبن جي هن قلمڪار وٽ، ممتا جو جذبو بلنديءَ تي آهي. نثر توڙي شاعريءَ ۾ هوءَ نفسيات جي نازڪ تر حقيقت تائين پهچڻ جي صلاحيت رکي ٿي. درياهه جي نرم ۽ ٿڌي پاڻيءَ جي وهڪري جيان سبڪ روانيءَ سان پنهنجي شخصيت جي آگهي ڏيندي رهي. وٽس پيار جي جذبي جي حيثيت سڀني جذبن کان مٿي آهي. هوءَ نفرت جهڙي ڪريل احساس کي بہ پياري انداز سان پيش ڪري ٿي. سندس نظر انسان دوستي ۽ انساني محبت جي اصولن تي آهي. ناول ”پيار“ ۾ اهو اظهار هن ريت ڪيو اٿس:

”پيار هوندو آهي دل جي ڌڙڪڻ ۾،
ساهه ۾ سبيل هوندو آهي پيار
اکين مان ڇلڪندو آهي پيار
وهنوار ۾ ٻکندو آهي پيار،
پيار آهي چانڊوڪيءَ جي ٿڌاڻ ۾،
پکي پکڻ آلاپين ٿا پيار جو راڳ،
سڪي، پيار ٻاهر نہ ڳول،
پيار ٿيندو آهي اندر ۾“. (4)

ڪردارنگاريءَ جي لحاظ کان ڪلا، پنهنجي فن ۾ مهارت رکندڙ هئي. هن پنهنجي ڪردارن جي اندرين جذبن ۽ احساسن جي طوفان کي طريقي سان سهيڙيندي، مختلف واقعن، روزمره جي سوچن ۽ عملن ذريعي اظهاري ٿي. ۽ انهن ڪردارن جي خارجي روين ۾ انهن جي داخلي ڪيفيت کي بيان ڪيو اٿس، جنهن ۾ هن وچئين طبقي جي هر عورت جي نمائندگي ڪئي آهي. ڪلا پرڪاش جو تخليقي رويو سنجيده انداز جو آهي. سندس اسلوب شانائتو سلجهيل، سمجهه ۾ ايندڙ ۽ اثرائتو آهي. هُن ٿَڪل ۽ وکريل ڪردارن کي بي وسيءَ، بي همتيءَ ۽ مظلوميت جي بجاءِ جرائت ۽ اعتماد ڏيئي، حياتيءَ جي تلخ حقيقتن کي منهن ڏيڻ سيکاريندي، کين زندگيءَ ڏي راغب ڪيو آهي.

ڪلا ڪي پنهنجي لکڻين لاءِ ڪردار جي چونڊ ۾ ڪو مسئلو نہ ٿيو جو هوءَ خود وڏو عرصو هڪ نوڪري ڪندڙ عورت رهي. گهڻن ماڻهن سان ميل ميلاپ، سفر وسيلي سندس مشاهدو مضبوط ٿيو آهي. هوءَ آسپاس کان پوريءَ ريت باخبر رهي. گهر کان آفيس ۽ آفيس کان گهر واپسيءَ تائين جي ڪيترن ئي ڪلاڪن ۾ هُن گهڻن ماڻهن جا رويا نظر هيٺ آندا. سندس لکڻين ۾ عورت جي نوڪريءَ جو ذڪر پڻ گهڻو ملي ٿو جنهن ۾ ڪلا سڏي نموني عورت جي گهر گرهستي سنڀالڻ ۽ نوڪري ڪرڻ جي ٻٽين جوابدارين کي مڃتا ڏني آهي. سندس موجب تہ عورت ۽ مرد ٻئي نوڪري ڪن ٿا، پر عورت جو رتبو سماج ۾ وري بہ هيٺانهين تي آهي. هوءَ پنهنجو رت ست ولوڙي بہ وڏيڪ لوڙي ٿي. هوءَ گهر ۽ ٻار سنڀالڻ ۽ نوڪريءَ ڪرڻ ۾ جيترين تڪليفن مان گذري ٿي انهيءَ کي سماج ۾ رهندڙ ٻيا فرد تہ ڇا، پر خود سندس گهر ڀاتي ۽ لاڳاپيل ماڻهو پڻ ايترو محسوس نٿا ڪن، جيترو ڪرڻ گهرجي، سندس ناول ’وقت وٿيون وڇوٽيون‘ هن ڳِس ۾ اعليٰ مثال آهي. ڪلا پرڪاش نوڪري ڪندڙ عورت کي جوابدارين ۽ فرضن جي گهاٽي ۾ پيڙهجندڙ محسوس ڪيو آهي ۽ انهيءَ عورت جا احساس، خواهشون، جذبا ۽ عملي رويا ڪلا جي اکين آڏو ڦرن ٿا، سندس قلم، پڙهيل ڳڙهيل ۽ قرباني ڏيندڙ عورت جي جذبن جو ترجمان ٿي وڃي ٿو. مجموعي طور پنهنجي فن ۾ هوءَ عورت جي ڪردار جي مختلف روپن کي اهميت ڏيندڙ آهي.

”ڪلا پرڪاش مردن جي هن سماج ۾ عورتن جي مظلوميت ۽ انهن جي احساسن ۽ جذبن جي ٽٽڻ جو آواز ٻڌايو آهي. هن وٽ خاندان جي ٽٽڻ ۾ سڀ کان متاثر ڪردار عورت جو ئي آهي ۽ هوءَ عورت جي ڪردار جي ڪيترن ڏکن تان پردو کڻي ٿي ۽ انهيءَ لاءِ هُن کي گهڻو پري نٿو وڃڻو پوي، جو هن ڪهاڻين ۽ ناولن جا ڪردار ۽ موضوع پنهنجي آسپاس جي روزمره جي زندگيءَ مان چونڊيا آهن، هن جا ناول ’سپنو سکن جو‘ ۽ ’پيار‘ گهريلو شادي شده حياتيءَ جي وهنوار ۾ عورت ۽ مرد جي ڏينهن رات جي سچاين ۽ ڪوڙ جي وچ ۾ اڻ چيل ڪمپرومائيز جون ڪهاڻيون آهن تہ سندس ناول ’هڪ دل هزار ارمان‘ حقيقت نگاري ۽ زندگيءَ جي رومانوي تصورن جو دلڪش امتزاج آهي“. (5)

ڪلا جو پھريون ناول ’هڪ دل هزار ارمان‘ 1957ع ۾ ڇپيو. هيءُ رومانوي ناول گھرو ۽ سماجي مسئلن ڪي بيان ڪري ٿو. گڏيل ڪٽنبن جا مسئلا ڪلا جي ناولن ۾ گھڻي ڀاڱي ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

**شيشي جي دل:** ناول سنڌي سماج جي ڏيتي ليتيءَ جي بڇڙي رسم جي نشاندهيءَ سان گڏ موضوع طور همدردي ۽ پيار جي جذبي تي مشتمل آهي. ورهاڱي جي يادگيرين جي اوٽ ۾ سنڌ ۽ ڀارت ۾ رهيل هندو سنڌين جي زندگين جو عڪس چٽيل آهي. ٻن شادي شده ڀائرن جي گڏيل ڪٽنب جي هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪا، ڏير ۽ ڀاڄائيءَ جي محبت ڏيکاري آهي. ڀاءُ وٽان نظرانداز ٿيل ڀاڄائيءَ ڪاڻ ڏير پنھنجي ٻچن ۽ زال کي ڇڏي وڃي، ڀاڄائيءَ سان شادي ڪري ٿو. هيءُ هڪ مختلف موضوع آهي، جيڪو هندو سنڌي سماج جي حوالي سان انوکو پيو لڳي، پر اها ٻه حقيقت آهي تہ اسان جي آس پاس جي دنيا ۾ اهڙا اعتبار ۾ نہ ايندڙ واقعا ٿين پيا. يقيناً ليکڪا جي مشاهدي ۾ اهڙو ڪو مثال آيو هوندو، جنهن کي موضوع بنائي ڪلا پرڪاش هيءُ ناول لکيو آهي. هن ناول جي پلاٽ ۾ ڪا خاص مضبوطي ڪانهي، ناول جي هيرو جو رويو بہ ڪٿي ڪٿي متاثر ڪندڙ نٿو لڳي، باقي ٻولي، سا تمام وڻندڙ ۽ اثرائتي آهي، پوپٽي هيراننداڻي هن ناول جي باري ۾ لکيو آهي تہ:

> "In her Novel, Shishe Ji Dil (Heart made of Glass) every Character narrates his or her own Story, Though written as a novel of Social realism the hero of this novel with his strange behaviour towards his wife and sister- in law, is not convincing. Kala's language is simple and idiomatic and there is a Poetic Flow in her words."(6)

’شيشي جي دل‘ ناول ۾ ڪلا پرڪاش نہ فقط عبارت آرائيءَ جا ڪمال پيش ڪيا آهن، پر هُن ماحول ۽ منظر نگاريءَ کي گھريلو ماحول جي مناسبت سان وڻندڙ نموني آندو آهي. هيءُ ناول 1960ع ۾ هند ۾ ۽ 1970ع ۾ سنڌ ۾ ڇپيو. سپنو سکن جو، ناول 1974ع ۾ ڇپيو جيڪو سادي ۽ سولي عبارت آرائي ۽ ٻوليءَ جي ٻين خوبين جي حوالي کان اهميت رکندڙ آهي. موضوع طور هيءُ ناول هيٺين- وچولي طبقي جي مالي حالتن، پئسي جي تنگيءَ جي مسئلن ۽ روزمره جي ننڍين ننڍين، جهيڙن جھٽن، ڏکن پريشانين ۽ اڻ پورين خواهشن جو ترجمان آهي.

’حياتي هوتن ريءَ‘ ناول 1972ع ۾ هند ۽ 1979ع ۾ سنڌ ۾ شايع ٿيو. هيءُ ناول پڻ وچولي شهري طبقي جي گڏيل ڪٽنبن جي مسئلن ۽ مالي مشڪلاتن جي

باري ۾ آهي. گهرو ماحول جي ننڍين ننڍين پريشانين ۾ ڇڪتاڻ کي موضوع بنايو ويو آهي. ڪلا پرڪاش هڪ حساس فنڪار جيان هر ڪردار جي ظاهر ۾ باطن جي خوبين ۽ خامين تان پردو کڻي ٿي. سندس فن جي اونهي جائزي کان پوءِ اهو اندازو ٿئي ٿو ته هن ليکڪا وٽ موضوعن جي گهڻائي موجود نه آهي، پر ڪردارن جي شخصيتن جا تهه در تهه انيڪ روپ سندس قلم مان نروار ٿين ٿا. اسلوب جي دلپذيريءَ جي ڪري پڙهندڙ سندس تحرير جي تاثر ۾ موهجي وڃي ٿو. ڪلا پرڪاش موضوع مطابق مواد ترتيب ڏنو آهي، لکڻ جي مرحلي ۾ سندس دلي ڪيفيتن جي ترجماني مختلف حالتن ۾ ڪيفيتن پٽاندڙ ڪردار نگاريءَ وسيلي ٿيل آهي. هوءَ ماڻهوءَ جي عمل ۽ ردِ عمل کي سندس ڳالهائڻ ٻولهائڻ، هلت چلت، وسوسن، وهمن، خوفن، انومانن، سوچن، مطلب ته نفسياتي پرک ذريعي حقيقت نگاريءَ سان پيش ڪري ٿي، جنهن ۾ وٽس عورت جي مختلف روپن جي اهميت اتم آهي. هن عورت جي ڪردار کي مضبوط ڏيکاريو آهي، انهيءَ ڪري باوجود ڏکين حالتن جي ڪلا عورت کي باهمت ۽ گهر هستيءَ کي ٽٽڻ کان بچائڻ لاءِ اهم ڪردار طور پيش ڪيو آهي.

حياتي هوتن ريءَ جي ’شانتي‘، ’رينو‘ ۽ ’ڪملا‘ پنهنجي پنهنجي جڳهه تي پڙهيل/ اڻ پڙهيل هوندي به وڏيءَ سوچ ۽ دل گردي واريون عورتون آهن، جيڪي ڪيترين شخصيتن کي ڀُرڻ ۽ ڀڄڻ کان بچائين ٿيون. شانتيءَ جي قربانيءَ تي لکي ٿي ته:

> ”شانتيءَ جون اکيون موت ڀوٽيون هجن ها، تڏهن به منشاراماڻيءَ کي ڏسڻ لاءِ کلي پون ها. پر اجان ته ساهه ذري آهي، هوءَ اکيون کولي ٿي، هن جي پيار کان الڳ ڪيترا سال هوءَ گذاري چڪي آهي. پنهنجو گهر گرهستي سنڀاليو اٿائين. سڄي ساهري ڪٽنب سان اهڙا سنا ڀير ڀريا اٿائين، جو سڀ سندس عزت ڪندا آهن. حياتي فرضن جي راهه تي هلي آهي، منشاراماڻيءَ کان دور رهي....؟“(7)

ڪلاپرڪاش جي ٽئي دور جي اهم قلمڪار سندري اتم چنداڻيءَ جي فن ۾ عورت ڪردار جي حوالي سان جي ڀيٽ ڪجي ٿي ته معلوم ٿئي ٿو ته سندري ۽ ڪلا وٽ عورت جو ڪردار فرمانبردار ڌيءَ، ماءُ، زال، ننهن ۽ سس جو آهي، پر اهڙا ڪردار گهڻي ڀاڱي سندن شروع دور جي لکڻين ۾ وڌيڪ آهن. وقت گذرڻ کان پوءِ هنن ليکڪائن عورت کي تعليم يافته، مضبوط ۽ پاڻ وهيڻي (Self_confident) عورت جي روپ ۾ پڻ پيش ڪيو آهي.

**سپنن جو سنسار:** حياتي هوتن ريءَ کان پوءِ ڪلا هڪ ٻيو اهم ناول ’سپنن جو سنسار‘ 1981ع ۾ سنڌي ادب کي ڏنو. هيءُ ناول پڻ گڏيل ڪٽنبن جي مسئلن متعلق آهي. خاص طور سنڌ مان لڏي ويل ڪٽنبن کي هندستان ۾ وڃڻ بعد، جيڪي مسئلا پيش آيا، انهن ۾ هڪ وڏو مسئلو مالي مشڪلاتن جو هو. هند وڃي، انهن جيڪي جيئڻ لاءِ جتن ڪيا، انهن کي تقريباً سيني اديبن ڏاڍي دلي جذبي سان لکيو ۽ گهٽي پاڻي هو انهن حالتن جا عيني شاهد پڻ هئا. ڪلا پرڪاش پنهنجي ڪردار رامچند جي واتان اهي حالتون هن ريت بيان ڪيون آهن:

”اج بہ عجب لڳندو اٿم تہ ڪيئن سَني هئم ايڏي بي عزتي ۽ پوءِ قبول ڪئي هئم سندس اسي روپين واري نوڪري. امير تہ مان ڪين آهيان، پر سنڌ جي ننڍڙي ڳوٺ ٺريءَ ۾ عزت سان رهيا پيا هئاسين. ڳوٺ ۾ گهڻيئي ڪٽنب اسان کان چڙهيل هئا، تڏهن بہ سڀ کلي کيڪار ڪندا هئا. باقي جو بابو پنچائت جو مکي هو. پنهجون گايون، مينهون، ٻنيون ٻارا ۽ نون ڪمرن جي شاهي جاءِ هئي، جنهن جي شاهي اڱڻ ۾ جيڪر شادي ٿي وڃي. پئسو گهٽو ڪونہ هو تہ بہ چاتي ڦنڊيل ۽ اوچو ڳاٽ هو. پر هاڻ سنڌ ڇڏڻ کانپوءِ جيئن ٻيو سڀ ڪجهہ ويو تيئن اهو ناز بہ ويو.“

اڳيان رامچند جي زباني چوائي ٿي تہ:

”پاڪستان ٺهڻ بعد جيڪي يارهن سال بمبئيءَ ۾ هوس، غريبيءَ اهڙا چلر لاٿا، جيئن پينسل جا، سانچي ۾ گهڙجڻ وقت لهندا آهن. پينسل پوءِ بہ لکڻ جي ڪم ايندي آهي. مان بہ جيڪر پنهنجي من جي گهڙيل پينسل سان حياتيءَ بابت هيئن لکان: ”حياتي هڪ اهڙو پيالو هئي جو نڪي پي سگهياسين نہ هاري سگهياسين“ ٻيو پلا ڇا لکان؟ سکن ڀريو سنسار اڏڻ لاءِ ڇا نہ ڪيوسين پر سڀ اڏورو..“[8]

سنڌ جي وسندي ٺريءَ مان لڏي آيل رامچند ۽ سندس زال چندري، پٽن شيام، موهن ۽ نهرن، نرملا، مينوءَ سان گڏ ڏيءَ ڪملا جي هن ڪهاڻيءَ ۾ ليکڪا موضوع طور معاشي بدحاليءَ ۾ گهيريل ڪٽنب جي ننڍين ننڍين مسئلن کي بيان ڪيو آهي. جتي ڪائڻ پيئڻ، ورتائڻ ۽ پڙهڻ سان گڏ ٻين ڪيترن موقعن تي پئسي جي گهرج سبب گهر ڀاتين ۾ غلط فهميون ٿين ٿيون. ننڍيون ننڍيون خواهشون، ارمان ۽ وڏا وڏا آدرش سڀ انهيءَ ڇڪ ڇڪان ۾ لڙهن ٿا. لکي ٿي تہ:

”بس منهنجي اکين مان ڳوڙها وَهي هليا، ڇهن مهينن ۾ ڀھريون ئي پيرو سس کان ڪجھ گھريو هوم، تنهن جي موٽ ۾ ڪيڏي نہ رڪائي پلٽہ پيئي؟ ڪير نہ مون ڪنيو ۽ نہ اميءَ ئي ڏيڻ جي تڪليف ڪئي. ان ڏينهن مَن پرجي آيو. ماءُ وٽ تہ ڪير پيئڻ لاءِ سئو نخرا ڪبا هئا“....

”بابا موهن جو خط پڙهيو يڪدم ناراض ٿي گھر جي خرچ جا پئسا ڪٽي ڦٽا ڪيائين. چيائين تہ “ڪڻ رک وچي اهي بہ جوءِ وٽ“.

مون مُنجھندي پڇيو ”ڇو ڇا ٿيو بابا؟“

چيائين ”ڇا ٿيندو؟؟ هزار روپيا هر مهيني موهن توکي موڪليندو، ڪنوار جو بہ پگھار اڳئين مهيني ۾ نہ ڏنئہ. باقي پنهنجا ڇھ سئو ڏيئي منهنجي منهن ۾ ڪهڙي ڌوڙ ٿو وجھين؟ هُو ڪليو ڪلايو منهنجو ڪارو منهن ڪري ويو ۽ تون ڳجھيءَ طرح ڪري رهيو آهين. ڪهڙي پيو منهنجي عزت ڪرين؟“

الائي ڪيئن همت ڪري چيم، ”بابا توهان کان هڪ ڳالھ وسري ويئي آهي تہ ڪالھ جيڪو توهان جو پٽ هو، اهو اڄ پيءُ بہ بڻجي چڪو آهي. اڌ مٿو اڇو ٿي ويو اٿم. اهو ڇا ضروري ڪونهي تہ توهين بہ منهنجي ان اڌ اَڇي مٿي جي ٿوري عزت ڪريو؟“

”بابا منهنجي اڇن وارن ڏانهن ايئن نهاريو، ڄڻ اهي اڳي ڪڏهن ڪين ڏٺا هئائين.“ (9)

مٿيَن حوالن مان پڙهندڙ ڇگيءَ ريت پروڙي سگهن ٿا تہ ڪلا پرڪاش جذبات نگاريءَ جي ماهر آهي، هتي هڪ ٻيو بہ توجھہ طلب نڪتو ڇاڻائيندي تہ سندس سڄي فن جي اِبياس مان آئون ان نتيجي تي پهتي آهيان تہ هن جذبات جي وهڪري ۾ اچي ڪٿي ڪٿي پنهنجي پيارن ڪردارن سان ناانصافي بہ ڪئي آهي. مٿين ناول ۾ سندس موقف غربت سبب حالتن جي جنڊ ۾ پيهجندڙ ڪٽنب جي سيني ۾اتين جون اڻپوريون خواهشون ۽ ارمان آهن، جن جو ڪوبہ پورائو نٿو ٿئي. پر جڏهن هوءَ ڪين اُتساهي علم جي حاصلات ڏي راغب ڪري ٿي ۽ رامچند جا بہ پٽ اعليٰ تعليم ۾اهران حاصل ڪن ٿا. نهرون بہ ڪمائين ٿيون. پوءِ بہ هن شيام ۽ موهن ڪي پاڻ پرو ۽ مضبوط نہ ڏيکاريو آهي. رامچند اتي ئي آهي، جتي اڳ هو يعني جڏهن سندس ٻار ننڍا هئا ۽ هُو ٽڪي ٽڪي لاءِ محتاج هو پر اڄ جڏهن سندس اولاد اعليٰ تعليم يافتہ ۽ ڪمائو آهي، تہ بہ وٽن ”هڙ ۾ هريڙون ۽ گوڏ ۾ پتاشا“ وارو معاملو آهي. سمجھ

۾ نٿو اچي تہ ناول جي اهڙي پڇاڙيءَ سان ڪلا پرڪاش جو مقصد ڇا آهي؟ سندس پيغام جي مقصديت هن ناول ۾ مثبت نموني جي ڏسڻ ۾ نٿي اچي. ڇا هن پنهنجي ڪردارن کي فقط روئڻ، پيڙجڻ ۽ ڪمزورين کي منهن ڏيڻ لاءِ ڏيکارڻ چاهيو آهي؟ وٽس محنت جي حاصلات جو ڪوبہ ڦل نہ آهي؟ سندس نظريي ۾ وسعت ڪٿي سمايل آهي؟ اهو غور طلب آهي تہ موهن جهڙي ذهين ۽ محنتي ڪردار کي ستن سالن جي وديش جي پڙهائي ۽ نئين ڪنوار کان ستن سالن جي وڇوڙي بعد بہ هُن هندوستان واپسيءَ تي غربت ۽ پئسي جي ڇڪتاڻ ۾ گهيريل ڏيکاريو آهي. ڪيس هيتري علمي حاصلات ۽ محنت کان پوءِ هٿ جي تنگي ڏيئي جڻ ڪلا پرڪاش زوريءَ غربت جي لاءِ همدردي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ گڏيل ڪٽنب جي انهيءَ مالي مشڪلات جي نقشي چٽڻ ۾ هن پڙهيل ڳڙهيل محنت سان نوڪري ڪندڙن کي نراسائي ۽ نااميدي ڏني آهي. جيڪو رويو سماج لاءِ هاڃيڪار آهي. ليکڪا کي هن ناول جي انجام تي ڌيان ڌرڻ کپندو هو. باقي هن ناول مان اهو ضرور ظاهر ٿئي ٿو تہ ڪلاپرڪاش بنيادي طور فرض شناسيءَ ۽ ذميداريءَ کي پسند ڪندڙ آهي.

**وقت وٽيون وڇوٽيون:** سندس هي ناول پڻ عورتن جي ٻڳهين جوابدارين ۽ فرضن جو بيان آهي. هن ناول جي ٻڌائيندڙ سريتا/ مسز سريتا ڪشن گيهاڻي آهي. جيڪا آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ۽ گهر ۾ پنهنجي مڙس، ٻار سس ۽ سهري جي خدمت ڪندڙ آهي. بمبئيءَ جهڙي رش واري شهر ۾ ٽريفڪ جي ٽڪائيندڙ معمول ۽ آفيس روٽين کي منهن ڏيندي سندس اعصاب بريءَ طرح ٽڪجي وڃن ٿا. هوءَ موڪل وٺڻ لاءِ واجهائيندي. جڏهن بہ آرام لاءِ سوچي ٿي، تڏهن، جوابدارين جو وزن کيس اهو سڪون مهيا ڪرڻ نٿو ڏئي. شاعراڻو مزاج رکندڙ سريتا، حساس ۽ ذميدار آهي. ڪم ڪار جي اون کيس آرام ڪرڻ بہ نٿي ڏئي. آرام جي هڪ پل لاءِ سڪندي، هن پنهنجي وارتا پڙهندڙن کي پنهنجي زباني ٻڌائي آهي، جنهن مان ڪنهن مهل ايئن بکي رهيو آهي، جڻ ڪلاپرڪاش پنهنجي آفيس جي نوڪريءَ جو دور ورجايو آهي. هوءَ سريتا جي ڪردار ۾ پنهنجو پاڻ کي پيش ڪري رهي آهي. سريتا جي گهرو ذميدارين تي اڪيلي سر نڀائڻ ۽ نوڪريءَ جي، جوابدارين هوندي بہ گهر جي هر ڀاتيءَ جي آرام ۽ ضرورت جو خيال رکڻ ۾ سندس ذهني ۽ جسماني محنت ۽ ڪشمڪش واکاڻ جوڳي آهي. سريتا جي واتان لکيڪا چورائي ٿي تہ:

”اج اڪارڻ موڪل ورتي اٿم. ڪم آهن بہ پر مون ڄاڻي ٻجهي وساري ڇڏيا آهن. هونئن بہ ڪنهن نہ ڪنهن جي بي چاقائيءَ سبب موڪل

ونڻي پوندي آهي. اڳئين هفتي امي ناچاق هئي. تنهن کان اڳئين هفتي پپوءَ کي پيٽ جي تڪليف هئي. اجان بہ ان کان اڳ ۾ هڪ ڏينهن نران جي پٽ جو منڻ هو. ان لاءِ موڪل ورتي هئم. درحقيقت اڄ بہ ڪارڻ ساڻ ورتي هئم. منهنجو سهرو (جنهن کي اسين بابا ڪري سڏيندا آهيون) نيڪ ڪونهي....

امي چوندي آهي تہ "نهرن جي نوڪري ڇا ٿي جڻ اسان سَسن لاءِ قيد آهي، جنسي قيد. اميءَ کي ڪهڙي خبر تہ اسان جي نوڪري اسان لاءِ بہ قيد آهي!" (10)

پيچ پيجان واري حياتيءَ ۾ سڪونُ جي هڪ پل لاءِ واجهائيندڙ سريتا سڪ سان ريڊيو ٻڌڻ، مطالعو ڪرڻ ۽ مينهن جي ڦڙي ڦڙي مان راحت وٺڻ ۽ فطرت جي نظارن مان واس وٺڻ چاهي ٿي. آرام سان چانهہ مان لطف اندوز ٿيڻ چاهي ٿي، پر گهڙي گهڙي دروازي جي گهنٽي (ڊور بيل)، ٽيليفون جي گهنٽي، ڪم واري مائي، باسڻن وارو، ڪير وارو، اخبار وارو، پاڙيسري، اوچتا ملاقاتي ۽ ٻيا ڪيترا مسئلا ڪيس آرام سان ويهڻ نٿا ڏين. پنهنجي پاڻ کي پرسڪون ڪرڻ لاءِ هوءَ ڏکهي موڪل وٺڻ جو پروگرام رٿي ٿي. پر ٿئي ائين ٿو تہ اها موڪل پڻ ڪيس پنهنجي پياري اڪيلي پٽ ڪشن جي بيماريءَ ۾ ونڻي پوي ٿي. تڏهن سندس دل مان اهو آواز ٿو نڪري تہ روزمره جو ٿڪائيندڙ معمول وري بہ غنيمت آهي، شل ڪو گهر ڀاتي بيمار نہ ٿئي ۽ هوءَ موڪل لاءِ سوچي. هيءَ ناول هڪ بلڪل نئين موضوع تي لکيل آهي، جنهن تي اڳ ۾ ڪنهن بہ قلم ناهي کنيو. سنڌي سماج ۾ اڄ نيڪ عورتون، تعليم يافتہ ۽ نوڪري ڪندڙ آهن، جيڪي ٻٽيون جوابداريون نڀائي رهيون آهن. سندن بوجهہ کي ورهائڻ ۾ گهر ڀاتي ڪا خاص مدد نٿا ڪن. سنڌي مرد جو رويو اڄ بہ گهڻي ڀاڱي حاڪماڻو آهي. جيڪڏهن ڪٿي دوستاڻو رويو آهي تہ ان جي باوجود بہ گهريلو جوابدارين ۾ هوءَ اڪيلي ذميدار آهي. هن ناول ۾ پڙهيل ڳڙهيل وفدار ۽ ذميدار سنڌي عورت جي محنت، قرباني ۽ خلوص کي ڪلا پرڪاش دل سان پيٽا ڏني آهي.

ڪلا انهيءَ کان سواءِ ٻيا ناول پڻ لکيا آهن. 'پيار' 1997ع ۾ پرشانت، شالو، سريتا ۽ سندر، آرتي، رام ۽ ارميلا جي پيار جي ڪهاڻي آهي. 'آرسيءَ آڏو' سندس ناول 1992ع ۾ ڇپيو ۽ 1994ع ۾ ڪيس سنڌي ساهت اڪيڊمي هن ناول تي ڏهن هزارن جو انعام ڏنو. هيءَ ناول بہ پڙهيل ڳڙهيل مرد ۽ عورت ڊاڪٽر انپو اگر وال ۽ ڊاڪٽر سيتا جي پيشي جي جوابدارين ۽ فرض ادائگين جو بيان آهي. چند غلط فهمين سبب

هو هڪبئي کان پري ٿي ٿا وڃن، پر پنهنجي پٽ جي سڪ باعث بيهر هِڪِ ٿا ٿين.
هن ناول ۾ موجوده دور جي اهم مسئلي يعني وقت جي ڪميءَ سبب ٿيندڙ ٻين مسئلن کي بيان ڪيو ويو آهي. ناول جي ٻولي پڻ اثرائتي آهي.

**ڪلا پرڪاش جي لکڻين جون خوبيون ۽ خاميون:** ڪلا جي فن ۾ ٻوليءَ جو استعمال تمام احسن طريقي سان ٿيل آهي. اوپرا ۽ اڻ سهائيندڙ لفظ ڪتب نہ آندا آهن. سهڻي سنڌي نثر ۾ تشبيهن اصطلاحن، پهاڪن ۽ چوڻين سان گڏ فطري انداز ۾ هن جاندار نموني سان لکيو آهي. ڪيترائي نج لفظ، چوڻيون ۽ مثال سندس لکڻين ۾ استعمال ٿيل آهن، جيئن 'روسامو'، 'کورو'، 'ڏمريو'، 'اکُٽ'، 'جيهڻ'، 'اک اپٽڻ'، 'هينئڙا گهر تہ گهرنيئي'، 'ڏکن ڏڌل'، 'جوءِ جو مَڄو' ۽ ٻيا آهن.

سندس تحريرن ۾ اصلاحي، اخلاقي، سماجي، نصيحتي ۽ گهڻي ڀاڱي گهريلو موضوع آهن. جن ۾ پيار، محبت، فرض ادائگيون، همدرديون، سنڌ جي تهذيب، ثقافت، ريتون ۽ رسمون وغيره شامل آهن. هن خاص طور گهرو حياتيءَ جي حوالي سان، عورتن کي پيش ايندڙ مسئلا بيان ڪيا آهن. اهي سماج جي وچولي طبقي سان تعلق رکن ٿا. ممتا جي جذبي کي مانُ ڏيندڙ هن ليکڪا جي تحريرن ۾ ماءُ پيءُ جي عزت ۽ قدر، مان ۽ مريادا جو احساس پڻ اُتم آهي. ٻارن کي هوءَ آئيندي جو ابو سڏي ٿي ۽ کين ڪوبہ اهنج پهچائڻ کان سِين کي ٻَلي ٿي.

ڪلا پرڪاش جي فن جي اڀياس کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ پاڻ سنڌي نثر جي هڪ حساس ڪلاڪار هئي، سندس فن ڪردار نگاريءَ جي حوالي سان وڏي اهميت رکي ٿو. هوءَ انساني جذبن جي ترجمان آهي جنهن نثر نگاري خاص طور تي عورت ذات جي مسئلن کي ترجيح ڏني آهي ۽ عورت جي هر روپ کي احسن نموني پيش ڪرڻ ۾ هن کي ڪمال حاصل هو انساني اندر جو مطالعو ڪرائيندي ڪلا پرڪاش، هندو سنڌي سماج جي وچولي طبقي جا گهرو مسئلا کولي بيان ڪيا آهن. گهڻا موضوع نہ هوندي بہ سندس فن ۾ مواد ۽ موضوعن ۾ وڏي هڪجهڙائي آهي، سندس موضوعاتي پيشڪش جو ڏانءُ وڻندڙ ۽ دل کي موهيندڙ آهي. سادي ۽ سلوڻي نثر ۾ ڪلاپرڪاش پنهنجي ناولن توڙي ڪهاڻين ۾ عورت کي مانائتو ۽ شانائتو پيش ڪيو آهي.

✠

## حوالا


1. ڪلاپرڪاش:فروز ميمڻ، ”آئيني جي اڳيان“، نيوفليڊس پبليڪيشن حيدرآباد، 1985ع، ص، 65
2. جوڻيجو عبدالجبار، ڊاڪٽر، ’سنڌي ادب جي تاريخ‘ (جلد ٽيون) سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، حيدرآباد 2006ع، ص، 42
3. چانڊيو خادم حسين، ’مارو جي ملير جا‘، گنج بخش ڪتاب گهر 2001ع، ص 549
4. ڪلاپرڪاش، ”پيار“ پارت پرنٽنگ پريس، احمد آباد، 1997ع، ص، 36
5. مظهر جميل، ”جديد سنڌي ادب“، اڪيڊمي بازيافت، ڪراچي 2007ع، ص، 1455
6. Hirannadani Popati, “History of Sindhi Literature” Anuradha Publication, Bombay, P.100
7. ڪلاپرڪاش، ”حياتي هوتن ريءَ“، سنڌ فورم ٻجاج گهٽي، شڪارپور، 1979ع، ص، 56
8. ڪلاپرڪاش، ”سپنن جو سنسار“، مرتضيٰ پرنٽنگ پريس، لاڙڪاڻو 1981ع، ص، 12
9. ساڳيو حوالو ص 123
10. ڪلاپرڪاش، ”وقت وٽيون وچوٽيون“، وشرام سوسائٽي پارت پرنٽنگ پريس، 1988ع، ص، 27